# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1974
# سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XV of 1973

4. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 6_A جي شموليت
Insertion of Section 6_A in Sindh Act XV of 1973

5. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1973

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1974
# سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[18 اپريل 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 3 جي ترميم

2. سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ جاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (3) جي شق (b) ۾، لفظن "ڪلاس 1 پوسٽ" لاءِ

Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973

لفظ "گريڊ 16 ۾ پوسٽ يا ان جي برابر يا اعليٰ عهدو" متبادل ٿيندا؛

(ii)ذيلي دفعه (6) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کان اڳ، ڪاما ۽ لفظ "، جيڪڏهن ان جو معاوضو وڌايو ويو آهي." شامل ڪيا ويندا.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Act XV of 1973

3.جاٽايل ايڪٽ جي دفعه 4 جي شرطيه بيان ۾، شق (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(b) ڪاتي جي اختياريءَ طرفان موزونيت متعين ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪو ماڻهو جيڪو مقرر ڪيو وڃي يا ڪا خاص آسامي رکي، يا اعليٰ آساميءَ يا گريڊ ۾ ترقي ڏني وڃي، ان بابت حڪم يا فيصلو ڏنو وڃي ته ان لاءِ ٽربيونل ۾ اپيل نه ڪئي ويندي."

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعه 6_A جي شموليت
Insertion of section 6_A in Sindh Act XV of 1973

4.جاٽايل ايڪٽ ۾، دفعه 6 کانپوءِ هيٺين ريت دفعه 6_A شامل ڪئي ويندي:

(حدون) "6_A. لميٽيشن ايڪٽ، 1908 (1908 جو ايڪٽ IX) جي دفعه 5 ۽ 12 جي گنجائش هن ايڪٽ تحت اپيل تي لاڳو ٿيندي".

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act XV

5.جاٽايل ايڪٽ ۾ موجود دفعه 8 کي ان دفعه جي ذيلي دفعه (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت ذيلي دفعه (1) طور ٻيهر نمبر ڏيڻ کانپوءِ هيٺين ريت ذيلي دفعه (2) شامل ڪئي ويندي:

"(2) خاص طور تي ۽ مٿي جاٽايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، اهڙا قاعدا هيٺين معاملن لاءِ مهيا ڪندا

of 1973

تا، يعني:

(a) ٽربيونل جي ميمبرن جو گھربل انگ، جنهن جي سامهون ٻڌڻي ٿيڻي آهي يا ٽربيونل طرفان حڪم يا فيصلو ڪيو وڃي؛ ۽

(b) ٽربيونل جي چيئرمين يا ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي جي پرتي.”.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**